[دنيا جي مروڊي مائنءَ جي ماڻ کڻڻ تربيتي اصول اپنايا]

هيرا تراشڻ جو فن

پارن جي تربيتي تحريڪ پيدا ڪندڙ ڪتاب



قاسم علي شاهـ

سنڌيڪار

اظهر آدرش

ٻارن جي تربيت جي تحريڪ پيدا ڪندڙ ڪتاب

هيرا تراشڻ جو فن

[دنيا جي هر وڏي ماڻهوءَ جي ماءُ کڻڙا تربيتي اصول اپنايا]

قاسم علي شاهه
سنڌيڪار
اظهر آدرش

فاضل سومرو پبليڪيشن
ميهڙ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

فاضل پبليڪيشن: ڪتاب نمبر 04

ڪتاب: هيرا تراشڻ جو فن
موضوع : دنيا جي هر وڌي ماڻهوءَ جي ماءُ کهڙا تربيتي اصول اپنايا
ليکڪ : قاسم علي شاهه
سنڌيڪار: اظهر آدرش
چاپو پهريون : 2019ع
ٽائٽل ڊزائين : مور ساگر
چپائيندڙ : فاضل سومرو پبليڪيشن_ميهڙ سنڌ
چپيندڙ : ساحل پرنٽر اينڊ پبليشر حيدرآباد 03332634650
قيمت : =/60 روپيا
ڊجيٽل ايڊيشن: 2020ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
books.sindhsalamat.com

HERA TARASHAN JO FUN
(A Book for Parents to Better Trend their Child)
Translated by: Azhar Adrish
Edition First 2019.

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو

ارپنا

جيجل امان
۽
بابا سائين
جي نان۽

جيڪي منهنجي مسلسل تربيت ڪري رهيا آهن.

سنڌ سلامت پارن :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب "**هيرا تراشڻ جو فن**" اوهان اڳيان پيش آهي. پارن جي تريبت جي تحريڪ پيدا ڪندڙ هن ڪتاب جو ليکڪ قاسم علي شاهه آهي ۽ سنڌي ترجمو اظهر آدرش ڪيو آهي.

"هيرا تراشڻ جو فن" ننڍڙو پر جامع اصلاحي ڇاڻ ڏيندڙ بهترين ڪتابچو آهي. هن ڪتاب جا باب آهن تہ مختصر پر، ڏاڍا پُراثر آهن. ڪتاب جو هڪ هڪ جملو ذهن جي تبديلي جو محرڪ آهي. هڪ جملو لک لهي ٿو. هڪ جملو توهان جي زندگي سان گڏ توهان جي نسلن جي زندگي کي جوڙي ڇڏي ٿو. هن سماج کي مهذب، خوشحال ۽ پُرامن بڻائڻ لاءِ هنن ڪتابن جي ضرورت هوندي آهي. دنيا جي هر وڏي ماڻهوءَ جي ماءُ ڪهڙا تربيتي اصول اپنايا اهوئي هي ڪتاب ٻڌائي ٿو.

هي ڪتاب 2019ع ۾ **فاضل سومرو پبليڪيشن - ميهڙ** پاران **ساحل پرنٽر ۽ پبلشرز** حيدرآباد وٽان ڇپايو ويو . ٿورائتا آهيون اظهر آدرش جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

ساڻ سلامت سنڌ سلامت

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڈيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

1. ٻه اکر 7
2. قاسم علي شاھ، ھڪ تعارف 8
3. مترجم پاران 10
4. ليکڪ پاران 12
5. ڇا توھان ٻه گھروٽا 14
6. پھريون ڪم 16
7. پنھنجو پاڻ تي يقين 18
8. ھي موقعو نه وڃائجو 20
9. توقع جو قانون 22
10. مُحبت 24
11. خوف 26
12. توھان جا ٻار منفرد آھن 28
13. ان سان ڪھڙو فرق ٿو پوي؟ 30
14. پريشان رھڻ 32
15. ٻڌو توھان جو ٻار توھان کي ڪجھ چئي ٿو 33

پ ا ڪر

ايا ٿڪيا ناهيون ۽ نہ ئي ڪڏهن ٿڪباسين. سفر جاري آهي ۽ جاري رهندو. فاضل سومرو پبليڪيشن پنهنجي خواهش ۽ مقصد مطابق معياري ڪتابن کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ جي ڪم ۾ رڌل آهي. اسان پاران هن ڪتاب کان اڳ سنڌ جي چوندڙ شاعرن جي شاعري جو ڪتاب "سنڌ جاڳي پئي" ۽ کهاڻيڪار طفيل مگسي جو ترجمو ٿيل ناول "موت جي منهن ۾" ڇپائي پڌرا ڪيا هئا. ان مقصد کي پوري ڪرڻ لاءِ اسان اوهان کي ڏئي رهيا آهيون هي خوبصورت ڪتابچو جنهن جو سنڌي ترجمو اظهر آدرش ڪيو آهي.

اظهر آدرش ڪجهہ سالن کان مسلسل متحرڪ ڪارڪن جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي. هن ڪجهہ سالن کان سنڌ جي اخبارن روزاني عوامي آواز ۽ روزاني سوپ سميت ۽ رسالن ۾ ڪرنٽ اشوز تي هفتيوار ڪالم پڻ لکندو رهيو آهي. پر سندس هي پهريون ڪتاب آهي جيڪو هن ترجمو ڪري اسان حوالي ڪيو آهي.

"هيرا تراشڻ جو فن" ننڍڙو پر جامع اصلاحي ڇاڻ ڏيندڙ بهترين ڪتابچو آهي. هن ڪتاب جا باب آهن تہ مختصر پر ڏاڍا پُراثر آهن. ڪتاب جو هڪ هڪ جملو ذهن جي تبديلي جو محرڪ آهي. هڪ جملو لک لهي ٿو. هڪ جملو توهان جي زندگي سان گڏ توهان جي نسلن جي زندگي کي جوڙي ڇڏي ٿو. هن سماج کي مهذب، خوشحال ۽ پُرامن بڻائڻ لاءِ هنن ڪتابن جي ضرورت هوندي آهي.

اچو تہ سڀ پنهنجي ذميواري کي سمجهون ۽ پنهنجي نسلن ۽ ٻارن جي تربيت کي ذمي کڻي اڳيان قدم کڻون تہ جيئن هن ديس ۽ قوم کي سلامتي ۽ خوشحالي بخشون.

آخر ۾ مان انهن محبوب دوستن جو ٿورائتو آهيان جن اسان جو هر وقت ساٿ ڏنو آهي، حبيب حضوري، احمد شاڪر، ڏاڏو رجب جهتيال، محمد بخش جهتيال، عبدالوحيد جهتيال، ڊاڪٽر مشتاق مهيسر، سعيد احمد سومرو، وقار تيوڻو، روشن سومرو، راشد علي سومرو، عبدالحميد سومرو، پنهل پرديسي، نعيم پنهور، پرديسي ماجد پنهور، وقار پنهور، اسماعيل سومرو، شاهنواز سومرو، علي حيدر پتوجو ۽ منهنجا ننڍڙا فاضل سومرو، فيصل سومرو ۽ فاطمہ سومرو جن جي تربيت منهنجي لاءِ اولين آهي.

اچو تہ هن سونهري لفظن واري امر ڪتاب کي کولي پڙهڻ شروع ڪيون.

فاروق احمد سومرو
چيئرمين
فاضل سومرو پبليڪشن
0302_3278489
5 اپريل 2019ع

قاسم علي شاهہ، هڪ تعارف

قاسم علي شاه بنيادي طور تي هڪ استاد آهي. پاڻ 1998ع کان تدريسي شعبي سان لاڳاپيل رهيا آهن. 2001ع ۾ قاسم علي شاه اڪيڈمي جو بنياد رکيو جيڪا لاهور جهڙي تعليمي روشنائي واري شهر ۾ نمايان مقام رکي ٿي. قاسم علي شاه اڪيڈمي جي خاص اهميت اها آهي تہ هتي طالب علم شاگردن کي تعليم سان گڏ انهن جي اخلاقي تربيت ۽ شخصي تعمير تي خاص توجهہ ڏنو وڃي ٿو. پاڻ ويزيٽنگ پروفيسر طور تي شعبہ تدريس ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي چڪا آهن.

شاه صاحب جي شخصيت جون اڳيون پهلو ٽريننگ ۽ تربيت آهي. ڇو تہ هن جو چوڻ آهي تہ تعليم جو اصل مقصد تربيت ئي آهي ۽ تعليم تربيت کانسواءِ قائم نٿي رکي سگهي. جيتوڻيڪ سالن کان پاڻ کي نئين نسل جي سکيا ۽ موٽيويشن لاءِ وقف ڪري چڪا آهن. ان ضمن ۾ ملازمن کي موٽيويشن، ڪسٽمرسروس مئنيجمينٽ ۽ ڪسٽمرز سان تعلق، ذهني دٻاءُ ۽ ڪاوڙ کي قابو پائڻ، ٽائيم مئنجيمينٽ، ليڈرشپ، اخلاقي قدر، حدف حاصل ڪرڻ جون مهارتون، تنظيم سازي، منتظمين جي صلاحيتن کي اپارڻ، ڪارڪردگي ۾ اضافو، فني مهارتون، شخصي تعمير، ڪردار سازي، گهرو ويڑهہ جو حل جهڙن اهم موضوعن تي ليڪچر، ورڪشاپ، سيمينارن جو باقاعده انتظام ڪن ٿا.

سموري ملڪ جا نمايان تعليمي ادارا (اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون) شاه صاحب جون خدمتون حاصل ڪري چڪيون آهن. ۽ اهو سلسلو اڄان بہ جاري ۽ ساري آهي.

تعليمي ادران کانسواءِ سرڪاري ۽ معروف غير سرڪاري ادارن ۾ هن جي ٽريننگ کي اهم سمجهيو وڃي ٿو. قاسم علي شاه پوليس، عدالتن، فوج سميت وڏي تعداد ۾ ڪارپوريٽ ادارن کي پڻ تربيت ڏئي چڪا آهن.

پنهنجي مهارتن ۽ تجربن جي ڪري پاڻ دور حاضر جا مقبول ترين ٽرينر آهن. پاڪستان جي مرڪزي شهرن کان علاوه ڏورانهن علاقن کان ايندڙ ماڻهو شاه صاحب جي تربيتي پروگرامن ۾ وڏي ذوق ۽ شوق سان حصو وٺن ٿا. پاڪستان کانسواءِ ٻاهرين ملڪن ۾ بہ هن جي پروگرامن جي طلب وڌي رهي آهي.

ورڪشاپن کان علاوه ايف ايم ريڊيو تي وي چينلن جي لائيو پروگرامن جي ذريعي بہ علم جي پياسن جي اڄ اجهائي رهيا آهن. هن وقت پاڪستان ۾ سيني کان وڏيڪ انٽرنيٽ تي سرچ ٿيندڙ موٽيويشنل اسپيڪر آهن.

قاسم علي شاه صاحب جي زير سرپرستي ۾ اپريل 2017ع کان قاسم علي شاه فائونڈيشن جو قيام ٿيو. هن فائونڈيشن وسيلي زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکڻ وارا ڪامياب ۽

نامور پيشہ ور هڪ منفرد تعليمي مهارتن تحت پنهنجا تجربا ۽ مهارتون نوجوانن ۾ منتقل ڪري رهيا آهن.

قاسم علي شاهه جي مضمونن ۽ تحريرن کان سواءِ هيٺيان ڪتاب بہ شايع ٿي چڪا آهن. "ڪاميابي ڪا پيغام"، "ذرا نم هو"، " آپ کا بچہ کامياب هو سکتا هي"، "بڙي منزل کا مسافر"، "اونچي اڙان"، "سوچ کا هميالیہ"، "اپني تلاش" قابل ذڪر آهن.

مترجم پاران

قاسم علي شاهه پاڪستان جو بهترين موٽيويشنل اسپيڪر آهي. جنهن جون لکڻيون سيمينار توڙي ويڊيوز پڙهندڙن ۾ ٻڌندڙن کي ڪنهن نئين گس ۽ ڪجهه نمايان ڪرڻ لاءِ خود ارادیت جو جذبو سمائي ڇڏين ٿيون. شاهه صاحب جا سيئي ڪتاب ۽ تحريرون پڙهڻ جهڙيون آهن. پر مون سنڌي ترجمي لاءِ هي ڪتابچو ان ڪري چونڊيو آهي جو هن ڪتابچي ۾ اهي ڳالهيون شامل آهن جنهن سان اسان پنهنجي نسلن جي بهترين تربيت ڪري سگهون ٿا.

هي ڪتاب آهي. هن کي ڪتابڙو نه سمجهجو. بلڪل ائين جيئن ڪو سرجن ننڍڙا ڪيپسول ڏئي انهن جو چوڻون حصو کائڻ لاءِ چوندو آهي. اهي ڪيپسول هوندا ته ننڍا آهن پر انهن جو پاور انساني طاقت کان وڌيڪ هوندو آهي. هي ڪتاب به مشتمل ته 30 صفحن تي آهي. پر اهي 30 صفحا 3000 صفحن جو اختصار آهن. هن ڪتاب ۾ شامل هر جملي کان پوءِ ٻيو ايندڙ جملو تقدير ۽ قسمت کي بدلائڻ جي سگهه رکي ٿو. هن ڪتاب جو لکڻ ۽ ترجمو ڪرڻ جو مقصد صرف ۽ صرف نسلن کي ڏاهپ جي هٿن سان سنوارڻ آهي.

هي ڪتاب گس ڏئي ٿو ته ڪيئن نسلن جي تربيت ڪري ڪامياب ۽ خوشحال بڻائي سگهجي ٿو. هن ڪتاب ۾ اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته دنيا جي ڪامياب ماڻهن جي ننڍپڻ ۾ ۽ اسان جي ٻارن ۾ ڪو خاص فرق نه آهي. هي ڪتاب سوين گس ڏسي ٿو ته پنهنجي ٻارن جي تربيت ڪيئن ڪجي جو هو دنيا ۾ نمايان ڪردار ادا ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي والدين جو نالو روشن ڪري وڃن. والدين جي حيثيت سان ڪهڙا اصول اپنائجن جو اسان جا ٻار دنيا جي هر شعبي ۾ ڪاميابي يقيني حاصل ڪري سگهن. آهي سيئي گُر هن ڪتاب جو حصو آهن.

جيڪي مائٽ سمجهن ٿا ته هنن جا ٻار موڪا آهن، هو وڌيڪ پڙهي نٿا سگهن، هو ڪو وڏو ڪارنامو نٿا سرانجام ڏئي سگهن نه ئي ٻار هنن جون خواهشون ۽ اميدون پوريون ڪري ٿا سگهن ته انهن دل شڪسته مائٽن لاءِ به خوشخبري اها آهي ته اوهان جا ٻار نه اڳ موڪا هئا نه هاڻي موڪا آهن، هو هوشيار آهن. هو جينيئس آهن، توهان کي خبر ناهي ته اوهان جي ئي گهر ۾ ڪو ايڊيسن رهي ٿو ۽ اها به شايد خبر ناهي ته اوهان سان گڏ اوهان جي ئي ٻارن جي روپ ۾ ڪو آئن استائن به موجود آهي. بس رڳو فرق ايترو آهي ته هنن جي امڙين کي يقين هو ته هنن جا ٻار دنيا ۾ ڪو وڏو ڪارنامو ڏئي ويندا، جيڪو اوهان ۾ شايد ناهي. پر ڪا ڳالهه ناهي هن ڪتاب ۾ اوهان لاءِ به اهي اصول شامل ڪيا ويا آهن جيڪي آئن استائن، ايڊيسن ۽ دنيا جي ڏاهن ماڻهن جي امڙين اپنايا هئا.

مان توهان کي سچ ٿو ٻڌايان ته هن ڪتاب ۾ موجود هر جملي کي پوري ڌيان سان پڙهي عمل ڪرڻ سان اوهان ۽ اسان پنهنجي قسمت تبديل ڪري ڇڏينداسين. ڳالهه آهي عمل جي. هن ڪتاب ۾ صرف عمل ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون سمايل آهن. بس رڳو پڙهي هينئن سان هنڌائجن ته ٻيڙا پار ٿي ويندا.

آخر ۾ مان گھڻو احسان مند ۽ ٿورائتو آھيون پنھنجي دوست احمد شاکر جو جنھن نيڪ ۽ روشن صلاحون ڏيڻ سان گڏ ھن ڪتاب جي اشاعت لاءِ منھنجو حوصلو وڌايو آھي . جڏھن ته ھن ڪتاب جي ڇپائي ۾ منھنجي محسن مورساگر جو اھم ڪردار آھي.

ڪتاب کي اڳيان پڙھڻ لاءِ پھريان منھنجي ھڪ ڳالھ ٻڌو. ھن ڪتاب پڙھڻ لاءِ پنھنجي دماغ کي ٿوري تازگي بخشيو. خراب خيالن کي ٻاھر ڦٽو ڪري اڇو ذھن بلڪل فريش ڪيو. ايڏا بہ ھڪ ڪم ڪيو ٿورو اڳيان ڏسو.. ھاڻي ساڄي پاسي ڏسو... پوءِ وري ٿورو وري کاٻي پاسي ڏسو. ايڏا اوھان جي سامھون جي ڪير آھي ته دل ۾ري ڏسي ونو ڇو ته اوھان کي ھن ڪتاب پڙھڻ دوران ڪنھن بہ ڊسٽربنس جي ضرورت ناھي.

اظھر آدرش

حيدرآباد

ليڪڪ پاران

رسول اڪرمؐ جو فرمان مبارڪ آهي، "هر ٻار پنهنجي فطرت مطابق پيدا ٿيندو آهي، پوءِ ان جا ماڻُ پيءُ هن کي يهودي، نصراني يا مجوسي بڻائيندا آهن. (صحيح بخاري)

هڪ جڳهه تي پاڻؐ جو فرمان آهي ته، " جڏهن انسان مري وڃي ٿو ته ان جا اعمال بہ بند ٿي ويندا آهن، پر تڏهن بہ ٽي اعمال جاري رهندا آهن، صدقہ جارحيہ، علم (جنهن مان دنيا فائدو وٺندي رهي) ۽ نيڪ اولاد جيڪو ان لاءِ دعا ڪندو رهي."

واصف علي واصف چئي ٿو "ڏهن پڪو ۽ پختو ٿي وڃي ته ان ۾ اصلاح جو امڪان گهٽ رهندو آهي."

هڪ عربي چوٽي آهي ته " ننڍپڻ جو علم پٿر تي ليڪ آهي."

مشهور ڪالم نگار جاويد چوڌري جو چوڻ آهي ته "هر ڪامياب ماڻهوءَ جي ڪاميابي ۾ ناڪام ماڻهوءَ جي ناڪامي جون پاڙون ته ان جي ننڍپڻ ۾ لڳايون ويندیون آهن."

محترم والدين!

توهان جي صحت ۽ سلامتي جي لاءِ کوڙ دعائون.

اولاد الله پاڪ جي ڏنل هڪ عظيم نعمت آهي. ۽ نعمت جو احساس صرف اُن کي هوندو آهي جيڪو ان نعمت کان محروم هجي. اسان جي ٻارن جي ناڪامي جو وڏو سبب والدين ۽ استادن جو تربيت کان بي خبر هجڻ آهي. جنهن جي ڪري ٻار نہ ته اعليٰ ڊگري حاصل ڪرڻ کانپوءِ بہ نوڪري وٺي سگهن ٿا ۽ نہ ئي زندگي جي اصل جنگ وڙهي سگهن ٿا. هُو پنهنجون سيئي توانائيون محلي، پاڙي ۽ ڳوٺ جي جنگ (ننڍا ننڍا غير ضروري مسئلا) وڙهي ضايع ڪن ٿا.

جنهن معاشري ۾ نسلن جي تعليم ۽ تربيت ڪئي ويندي آهي ته ان معاشري ۾ نتيجا ڪجهه هنن صورتن ۾ سامهون ايندا آهن.

- ڪامياب ماڻهو
- فرمانبردار ٻار
- سچ ڳالهائيندڙ
- محب وطن
- سنا شهري، پيدا ٿيندا آهن.

پر ڇا اسان کي مٿيان نتيجا ملیا آهن؟ يقينن جواب نہ ۾ آهي!

بُرائي تڏهن وڌندي آهي جڏهن سنن ماڻهن جي کوٽ هوندي آهي، ڇو ته "اوندهہ روشني نہ هجڻ جو نالو آهي."

قاسم علي شاھ صاحب ٻارن جي رهنمائي ۽ شخصي تشڪيل جي غرض سان هي ڪتابڙو شايع ڪرايو آهي. ان دعا سان تہ هي ڪاوش والدين ۽ ٻارن جي لاءِ دين دنيا ۾ خير برڪت جو سبب ٿجي!

دعا جو طالب

قاسم علي شاھ

ڇا توهان به گهرو ٿا ؟

ته توهان جو ٻار ڪنهن جو محتاج نه رهي، هو خود اعتماد ۽ پُر يقين هجي، هُو زندگيءَ کي ٻوجهه نه بلڪ زندگي کي چئلينج سمجهي ان مان مزو ماڻيندو رهي. ٻين سان رَلي مِلي زندگي جي دلچسپين ۾ شريڪ ٿئي. هو نه صرف اسڪول پر زندگي جي هر شعبي ۾ نمايان هجي. توهان جو ٻار توهان لاءِ فخر جو سبب بڻجي. هو انسانيت جي خدمت ڪري، دنيا ان جي تعريف ڪري، هو پنهنجي شعبي ۾ بي تاج بادشاه هجي. ان وٽ دولت هجي، شهرت، طاقت ۽ آزاديا ـ ملطب ته سڀ ڪجهه هجي.

توهان يقين ڪريو ـ هر والدين جي اها ئي خواهش هوندي آهي، پوءِ چاهي هُن جو ٻار جهوپڙي ۾ اک کولي يا هڪ وڏي محل ۾! سيئي والدين اهوئي چاهيندا آهن ته هنن جو ٻارڙو اڪين جو تارو ـ آسمان جو تارو بڻجي وڃي ۽ پنهنجو ۽ والدين جو نالو روشن ڪري، پر ڇا سڀني والدين جون اهي نيڪ تمنائون پوريون ٿين ٿيون؟ بلڪل نا!

اسان منجهان هر شخص پنجاهه سٺ، ستر سالن جي عمر ۾ هي دنيا ڇڏي وڃي ٿو. جنهن ڪانپوءِ ماڻهو ان جي شڪل ته ڇا ـ نالو به پُلجي وڃن ٿا. پر اهو ته سيئي ڄاڻن ٿا ته اسان منجهان ڪجهه اهڙا شخص به هوندا آهن جيڪي دنيا ڇڏي به ويندا آهن، پر تڏهن به هو زندهه رهجي ويندا آهن. اهو شخص جيڪو ڪوئي اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏئي ٿو، جنهن سان تاريخ جي اڪين ۾ حيرانگي اچي وڃي ٿي ته ان شخص جو نالو هزارن سالن تائين ياد رکيو ويندو آهي. رڳو محمد علي جناح، اقبال، کي ڏسو هي ڪير ماڻهو هئا؟ پلا، آئن استائن، نيوٽن ، ايڊيسن ۽ توهان جي ٻار ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ هي ماڻهو پنهنجي ٻاروتڻ ۾ آخري حد تائين احمق ۽ بي وقوف طور سڃاتا ويندا هئا. پر اها ڪهڙي طاقت آهي جنهن انهن کي طاقتور ۽ نامور ڪري ڇڏيو آهي؟ ڇاڪاڻ ته هُو وقت جي ديوارن کي ٽوڙي انساني ذهنن جو حصو بڻجي ويا.

"ڇا سبب آهي جو هُو هيرو ۽ اسان جا ٻار زيرو آهن؟"

اسان وٽ هڪ هي به ڳالهه عام آهي ته ٻين جي ڪاميابي ۽ پنهنجي ناڪامي جي صرف هڪ وجهه سمجهندا آهيون ۽ اها وجهه هوندي آهي "قسمت!"

جڏهن توهان صرف هڪ سبب کي آخري ميجي وڌو ٿا ته ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ته، توهان ڪڏهن به حقيقت پسند نه ٿا ٿي سگهو ۽ ڪيئن اهو ممڪن آهي ته "صوف ۽ ڪيلي" تي ليڪچر ٻُڌي، يا ان موضوع تي ڪتاب پڙهي، انهن جي ذائقي جي خبر پئجي وڃي؟ صوف ۽ ڪيلي تي ڇهه ڪلاڪن جو ليڪچر ٻڌڻ، پنج ڪلاڪ بحث ڪرڻ ۽ چار سئو صفحن جو ڪتاب پڙهڻ کان بهتر اهو آهي ته توهان صرف پنجين روپين جا صوف ۽ ڪيلا خريد ڪري، چَکي ڏسو ته حقيقت جي خبر پاڻ ئي پئجي ويندي. هر ڳالهه جي وجهه قسمت نه هوندي آهي، اهو ته قسمت تي صرف الزام هڻي، اسان غير ذميداري وارو رويو روا رکندا آهيون.

جارج واشنگٽن چيو تہ: **"99 فيصد ناڪام ماڻهن جي پهرين ۾ نمايان ٻُري عادت غير ذميداري آهي"**

ياد رکو تہ دولت مند هجڻ هڪ نتيجو آهي، غريب هجڻ نتيجو آهي، صحتمند هجڻ نتيجو آهي، بيماري به نتيجو آهي، شهرت، بدنامي نتيجو آهي، ڪاميابي، ناڪامي نتيجو آهي، طاقت ۾ ڪمزوري به نتيجو آهي، ڇو تہ اسين جنهن دنيا ۾ رهون ٿا، اها سبب ۽ اثر (Caused and Effect) جي دنيا آهي. هن نظام ۾ هڪ ائٽم (ذرو) جي ٻي ائٽم سان ملڻ جي ڪا وڏي وجهہ موجود هوندي آهي، تہ پوءِ اهو ڪيئن ممڪن آهي، تہ انسان جي واڌ ويجهہ ترقي، خوشحالي ۽ ڪاميابيءَ جا ڪي به سبب نہ هجن!

ڇا توهان چاهيو ٿا تہ توهان به انهن اصولن ۾ سببن کان باخبر هجو جن جي ڪري ڪو ٻار ڪامياب ۽ ڪو ٻار وري ناڪام بڻجي وڃي ٿو. اچو تہ توهان کي اهو ٻهريون راز ٻڌايون، جنهن جي ڄاڻ ڪانپوءِ توهان دنيا جا ڪامياب ترين مائٽ/ والدين بڻجي ويندا.

پهريون ڪم

هر بي وس ماڻهو پنهنجي بي وسيءَ جو اظهار شڪايت ۾ گِلا سان ڪري ٿو. ۽ شڪايت يا گلا هڪ اهڙو تير آهي، جيڪو ڪمان مان ته تڪڙو ئي نڪري ويندو آهي، پر ڪڏهن ب نشاني تي نه لڳندو آهي. اصل ۾ گِلا يا شڪايت ڪرڻ وارو هر ماڻهو غير ذميدار ئي هوندو آهي. هُو ڪنهن ٻَالهه تي عمل نه ڪندو آهي، هُو بي عمل ماڻهو هوندو آهي. هُو ڪوشش ته ڪندو آهي، پر ڪنهن شئي جي حاصلات جي لاءِ گهربل محنت نه ڪندو آهي. صرف شڪايت ئي ڪندو رهندو آهي. انهيءَ ڪري ان جي زندگي ۾ ڪجهه ب تبديل ٿي نه سگهندو آهي. هُو جيڪو ب ڪجهه نه ڪري سگهڻ جي قابليت رکندو آهي، ان کي ان ڪم ڪري سگهڻ جي ڄاڻ نه هوندي آهي. ياد رکو ته توهان زماني جي حالتن کي نٽا بدلائي سگهو. توهان موسمن جي تبديلي کي تبديل نٽا ڪري سگهو. توهان پنهنجي رنگ روپ، قد ڪاٺ کي نٽا بدلائي سگهو. ها جي بدلائي سگهو ٿا ته "پنهنجو پاڻ" کي بدلائي سگهو ٿا. پاڻ کي تبديل ڪرڻ جي ذميواري قبول ڪيو.

"جيڪڏهن توهان کي ڪنهن وڻ جو ميوو بدلائڻو آهي ته توهان کي وڻ جو ٻج بدلائڻو پوندو. اِن کان وڌي حماقت ڪابه نه ٿيندي، ته ڪڪڙ جو ٻج پوکي چانورن جي فصل جي اميد رکجي" (سقراط)

پنهنجي نسل ۾ انقلابي تبديلي آڻڻ کان پهريان پنهنجي اندر انقلاب آڻيو. ياد رکو هي توهان جا ٻار آهن. هي اهو فصل آهي جيڪو توهان جي زمين تي ڦٽو آهي، زمين جي زرخيزي ئي فصلن کي شاداب ڪري سگهي ٿي. جڏهن ٻارن جي تربيت لاءِ والدين کي سکيا ڏني ويندي آهي ته ان وقت والدين لاءِ حيرانگي جي ٻَالهه هيءَ هوندي آهي ته ٻارن ۾ خوشگوار ۽ مثبت تبديلي آڻڻ جي لاءِ والدين کي گهڻ طرفا ذهني رويه اپنائڻا پوندا آهن. هنن کي پاڻ ۾ تبديلي آڻڻي پوندي آهي. اها ٻَالهه مڃڻي پوندي آهي ته پنهنجي گهر ۾ هلندڙ ڦرندڙ ڪتاب جيڪي شرارتون ڪري رهيا آهن، اُهي اسان لکيا آهن.

ٻار جي قسمت، تقدير ۽ مستقبل جو دارومدار انهن واقعن تي ناهي هوندو. جيڪي ان سان پيش اچن ٿا. پر ضرور ان رد عمل تي هوندو آهي جيڪو ڪنهن واقعي تي ظاهر ڪيو هجي! هر رد عمل اڪثر والدين کان ئي سکيو ويندو آهي. مثلاً: هيءَ ٻَالهه ته اڪثر نفسيات ۾ شامل آهي، جيڪڏهن ٻار کي گار ڏني وڃي، ته هو به ڪاوڙ ۾ اچي ويندو ۽ جوابي طور گاريون ئي ڏينڊو. پر جي ان ٻار، ننڍپڻ ۾ هيئن ڏٺو هجي ته ان جي والدين سان ڪڏهن ان طرح جو واقعو ٿيو هجي ۽ انهن گار جي جواب ۾ هڪٻئي کي معاف ڪري ڇڏيو هجي ته اها حقيقت آهي، ته "اهو ڪئين ٿو ٿي سگهي ته ڪنهن جي چوڻ سان مان جانور جو نسل ٿي وڃان؟ مان ته ازل کان انسان ۽ انسان جو ٻچو آهيان ته يقينًا اهو ٻار به انهيءَ واقعي جي رد ۾ ڪاوڙ ڪرڻ جي بجاءِ معاف ڪري ڇڏيندو. ان مثال جو فارمولو هن ريت به ٿئي ٿو ته،

"زندگي ۾ ٿيندڙ واقعا، ۽ انهن واقعن تي ردعمل جا، جيڪي نتيجا اسان کي حاصل ٿين ٿا."

ٻارن جي زندگي ۾ ٿيڻ وارن واقعن کي تبديل ڪرڻ بجاءِ انهن واقعن جي رد عمل کي تبديل ڪرڻ جو سبق ڏيو ته، نتيجا خود بخود بدلجي ويندا.

"اهي سيئي رڳو الزام آهن. پنهنجي مرضيءَ سان جيترو ٻين کي خراب چئو ڪيتريون ئي خراب حالتون چونہ هجن. ڪجھ نہ بدلبو جيڪڏهن پاڻ نٿا بدلايو تہ" (وائن ڊبليو ڊائر)

ڇا توهان کي ڄاڻ آهي تہ دنيا جي سڀني غير معمولي ماڻهن ۾ هڪ خوبي ڏني وڃي ٿي، اها خوبي ڪوبہ شخص ماءُ جي پيٽ مان سکي نہ ايندو آهي، پر اها خوبي هر ٻار ۾ پيدا ڪئي ويندي آهي. اها خوبي آهي...

پنهنجو پاڻ تي يقين

شيڪسپيئر جو قول آهي تہ:

"مون دنيا جا خوبصورت نظارا ڏسي ورتا پر انهن نظارن کان وڌيڪ حسين ڪوبہ نظارو نہ آهي جڏهن ڪنهن خود اعتماد ٻار کي ڏسندو آهيان"

زندگي هڪ جنگ آهي ۽ ان جنگ ۾ فتح ان جي ٿيندي آهي، جيڪو پنهنجو پاڻ تي يقين رکندو آهي. جيئن پنهنجي صلاحيتن تي يقين يا جنهن ۾ ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ پاڻ مجائڻ جي صلاحيت هجي.

خوداعتمادي ڪاميابي جي لاءِ هڪ زبردست هٿيار آهي. اسان جي ملڪ ۾ نوجوانن جو وڏو تعداد خوداعتمادي جي فقدان جو شڪار آهي. دنيا جو بهترين نفسياتي ماهر اهو ثابت ڪري چڪو آهي تہ "ٻار ۾ خوداعتمادي جي کوٽ ننڍپڻ ۾ والدين جي تربيت جي گهٽتائي جي ڪري پيدا ٿيندي آهي."

جيڪي هميشہ ڪٿيندا آهن انهن کي يقين هوندو آهي تہ هُو ضرور ڪٿيندا. "توهان ڪجهہ پي حاصل ڪري سگهو ٿا پر جيڪڏهن توهان کي يقين هجي تہ توهان ان جا حقدار آهيو." پنهنجو پاڻ تي يقين ڪرڻ هڪ ذهني رويو آهي جيڪو ڪنهن بہ ٻار ۾ پيدا ڪري سگهجي ٿو. ٻارن ۾ خود اعتمادي پيدا ڪرڻ لاءِ هي وکون کڻي سگهجن ٿيون.

- پنهنجن ڪمن ۾ انهن کان مدد وٺو.
- هن کي بہ پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو.

"جيڪي مائٽن/ والدين پنهنجي ٻارن جي لاءِ سڀ ڪجهہ ڪن ٿا، انهن جا ٻار انهن لاءِ ڪجهہ نٿا ڪري سگهن" (واصف علي واصف)

- ٻارن کي غلطيون ڪرڻ ڏيو. غلطين کان ئي ٻار سکي ٿو.
- انهن کي پنهنجا فيصلا ڪرڻ ڏيو تہ جيئن انهن جي اندر ۾ فيصلي ڪرڻ جي طاقت اپري.
- انهن ۾ رٿابندي ڪرڻ جي عادت وجهو.
- ٻارن جي نفسيات جو غور سان مطالعو ڪيو ۽ ان کي اُن جي خوبين کان خبردار ڪرڻ ۾ مدد ڪريو.
- انهن کي روپئي، پئسي جو حساب ڪتاب رکڻ جو عادي بڻايو.

ٻارن کي پوليس واري، ٽپاليءَ يا ٻين شعبن جي ماڻهن سان گفتگو ڪرائيندا رهو. افسوس صرف انهن موتين تي ٿئي ٿو جيڪي زماني کي پنهنجو آب تاب نه ڏيکاري سگهيا. ڪيڏي نه ڏک جهڙي ڳالهه آهي، جڏهن گل پنهنجي خوشبوءِ کان ڪنهن جي دماغ کي معطر ڪرڻ بغير ئي مٽي ۾ ملي وڃي ٿو. ان کان به وڌيڪ قابل رحم ۽ افسوس ناڪ حالت انهن ٻارن جي آهي جيڪي سپ ڪجهه ڪري سگهن ٿا، پر انهن کي پنهنجي ذات تي يقين نه آهي. ان ڪري هو پنهنجي قابليت مان نه پاڻ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ نه ئي انسان ذات جي ڪا خدمت ڪري سگهن.

"جيڪڏهن ٻار کي پنهنجي ذهانت ۽ قابليت تي يقين نه آهي ته هُو اهو سڄ آهي جنهن جي روشني ڏيئي جيتري آهي."

"انسان صحيح مقصد تي جيئڻ ان وقت شروع ڪندو آهي، جڏهن ان جو پنهنجو پاڻ تي اعتماد بحال ٿي ويندو."

(ڊاڪٽر نورمن پيل)

موقعا روز- روز ناهن ملندا قسمت جي ديوي هرروز مهربان ناهي هوندي. پر ڇا توهان کي خبر آهي ته توهان جي ٻارکي بهترين موقعو ڪڏهن ملندو آهي ۽ قسمت جي ديوي توهان تي ڪڏهن مهربان ٿئي ٿي؟ ناهي خبر! نيڪ ته پوءِ اسان ئي توهان کي ٻڌايون ٿا.

هي موقعو نہ وڃائجو

مون وٽ ڪيترائي والدين ٻارن جي رهنمائي جي لاءِ ايندا آهن. جڏهن مان انهن کان مسئلو پڇندو آهيان تہ هو پنهنجي ٻارن جي خامين متعلق هڪ وڏي فهرست بيان ڪندا آهن. هنن کان منهنجو همیشہ هڪ ئي سوال رهيو آهي تہ: "ڇا توهان جي ٻارن ۾ ڪا خوبي ب آهي" يقين ڪريو اڪثر والدين ان سوال جو جواب ڏيڻ کان قاصر هوندا آهن، يا وري هڪ اڌ خوبي ٻڌائي خاموش ٿي ويندا آهن. ان جو ڇا سبب آهي؟ ڇا توهان کي خبر آهي تہ ڪهڙي وجهہ آهي؟ هر انسان کي عام طور پنهنجون خاميون نظر نہ ايندیون آهن ۽ ٻين جون خوبيون نظر نہ ايندیون آهن. تنقيد ڪرڻ بلڪل ايئن آهي، جيئن هڪ ماڻهو ڊوڙڻ جي سکيا ڏئي رهيو هجي ۽ ان کي ٽنگون نہ هجن. اهو تہ هرڪو ٻڌائي ٿو تہ: ايئن نہ هجڻ گهرجي، پر اهو ناهي ٻڌائيندو تہ هجڻ ڪيئن گهرجي!

"جيڪو ماڻهو غلطي نٿو ڪري، حقيقت ۾ اهو ڪو ڪم ب نٿو ڪري سگهي."(ايڊورڊ جي فلپس)

اهو انسان ئي ناهي جيڪو غلطي نہ ٿو ڪري ڇاڪاڻ تہ خالقِ ڪائنات انسان کي اهڙي صفت ڏني آهي. جيڪا ڪنهن ٻي مخلوق ۾ ناهي. اها صفت 'سکڻ' جي آهي ۽ انسان سکي ئي تڏهن ٿو جڏهن هو غلطي ڪري ٿو. توهان پنهنجي ٻارن ۾ غلطيون ڳولهڻ ڇڏي ڏيو ۽ ان موقعي جي تلاش ۾ هجو تہ هو ڪڏهن ٿو سنو ڪم ڪري. جڏهن ب هو ڪو سنو ڪم ڪري وڃي تہ ان جو هن کي انعام ڏيو ۽ بهترين انعام تہ سچي تعريف ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي.

"ٻار جي تقدير ان وقت ٺهندي آهي، جڏهن ڪو ان جي سچي تعريف ڪندو آهي."
(ڪين بلنچرڊ)

هرٻار باربار اهو ڪم ڪندو رهي ٿو جنهن ۾ ان کي مزو ايندو آهي ۽ تعريف ۾ ڪنهن کي مزو ناهي ايندو؟ جڏهن ٻار سنو ڪم ڪري تہ ان جي بدلي فوراً ان کي تعريف جي اعزاز سان نوازيو وڃي، تہ هُو سنن ڪمن کي پنهنجي عادتن ۾ شامل ڪري وٺندو آهي. اهڙي طرح ڪجهہ سنيون عادتون ان جي شخصيت کي مؤثر بڻائي ڇڏيندیون آهن. جيڪڏهن مناسب سمجهو تہ ٻارن کي ڪجهہ ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ هڪ قسم جي ذميواري ڏئي ڇڏيو. جڏهن هو ان ڪم کي پورو ڪندو رهي تہ اوهان ان جي تعريف ڪندا رهو. اهڙي طرح ٻارن ۾ سنو ڪم ڪرڻ جي عادت پئجي ويندي.

- ٻارن لاءِ تعريف ڪرڻ جا موقعا ڪڍڻ ۾ ضايع نه ڪيو:
- جڏهن توهان جي خدمت ۾ پاڻي ڪٽي اچي.
- جڏهن اوهان سان گڏ سامان سهيڙڻ ۾ مدد ڪري.
- جڏهن ڪا سُني ڳالهه ٻڌائي.
- جڏهن هو پنهنجا بوٽ پالش ڪري.
- اخلاق واري ڳالهه ڪندو هجي.
- جڏهن چوڻ ميجي.
- جڏهن هو اسڪول جو ڪم ياد ڪري ٻڌائي يا آيت يا ڪلمو ٻڌائي.

والدين جو سوال آهي ته جڏهن ٻارغلطي ڪري ته پوءِ ڇا ڪريون؟ ان جو جواب اهو آهي ته:

- پنهنجي چهري جو تاثر اهڙو بڻايو جڻ توهان کي هن جو ڪم سٺو نه لڳو آهي.
- زبان سان منع ڪريو.
- عارضي ڪاوڙ ڏيکاريو. اصلي ڪاوڙ نه (نفرت سان نه ڏسڻ گهرجي)
- ٻار جي تذليل يا بيعزتي نه ڪيو. اهڙي رويي سان هن جي سموري شخصيت تباهه ٿي ويندي.
- غلطي جي حوالي سان منع ڪرڻ کانپوءِ ٻه ٻيهر غلطي ڪري ٿو ته بار بار ان کي ڪجهه نه چئجي، بلڪ ان جي شرارتن کي نظر انداز ڪرڻ شروع ڪيو يا توجهه ئي نه ڏيو. ٻار هرهر ساڳيون غلطيون ۽ شرارتون ان ڪري ڪندو آهي، جو ان تي اسان توجهه ڏيندا آهيون توجهه هٽائي ڇڏيو ٻار شرارتون ڪرڻ ڇڏي ڏيندو.
- مار هڪ اهڙو حل آهي، جنهن سان تمام ٿورا ٻار ٺيڪ ٿي ويندا آهن نه ته اڪثر ٻار وڌيڪ ضديرا ۽ گهٽيرا ٿي ويندا آهن. ڪوشش ڪيو ته ٻار کي نه ماريو.

"هٽ جو استعمال اهي ماڻهو گهٽو ڪندا آهن، جن کي دماغ استعمال ڪرڻ جي عادت نه هوندي آهي."

الله تعاليٰ هن دنيا کي هلائڻ لاءِ ڪجهه قانون ۽ ضابطه ناهيا آهن. اهي قانون هر هڪ تي هڪ جهڙا لاڳو هجن ٿا. الله تعاليٰ جا ٺهيل اصول ناهن بدلبا بس انهن اصولن ۽ قاعدن کي سمجهي ان تي عمل ڪرڻو آهي انهن اصولن منجهان هڪ اهم اصول توقع جو اصول ۽ آهي.
اچو ته ان اصول کي سمجهون.

توقع جو قانون

دنيا جي سيني عظيم شخصيتن وانگر محمد علي جناح جي عظمت جي ڪهاڻي به ان جي امڙ محترمہ جي توقع جي مرهون منت آهي. اميدون ۽ نيڪ تمنائون بظاهر ڪُند ذهن بلور ۽ ڪرڪيٽ کيڏڻ واري هڪ ننڍي عمر واري ٻار جي دماغ ۾ هيءَ ڳالهہ ويهاري ڇڏي تہ هن کي مڙس مٿير ٿي عظيم ڪارنامو سرانجام ڏيڻو آهي. هن کي وڏو ماڻهو بڻجڻو آهي پنهنجو ۽ پنهنجي مائٽن جو نالو روشن ڪرڻو آهي اهو خيال ذهن ۾ ويهارڻ قائد اعظم جي والده کي اهو يقين هو تہ هن جو پٽ عام ٻار نہ آهي پر هي وڏو ٿي هندستان جو بي تاج بادشاهہ ٿيندو قائد اعظم پنهنجي ماءُ جي خواب کي تعبير ڏني ۽ مسلمانن جي لاءِ هڪ الڳ وطن جي تصور کي عملي جامو ڏئي نمايان سرانجام ڏنو.

محترم والدين، اهو ٻڌو توهان حيران ٿيندو تہ اسان جون سوچون ۽ اميدون نہ صرف پنهنجو پاڻ کي پر اسان جي پاڙيسرين، گڏ رهڻ وارن جي زندگيءَ کي بہ گهڻو متاثر ڪن ٿيون. اسان جي زندگي ۾ هر اچڻ واري شئي ان ڪري ايندي آهي. جو اسان ۽ توهان ان ڏانهن ڪشش ڪندا آهيون ۽ پوءِ اها شئي بہ پنهنجي طرف ڪشش ڪندي آهي. ان ڪري ڇڪ ڪندي آهي، جو ان جي خيالي تصوير اسان جي ذهن ۾ هوندي آهي. جيڪو ڪجهہ اسان ٻين لاءِ سوچيندا آهيون، بالخصوص اهو پنهنجي ٻارن جي طرف ڇڪجي ايندو آهي.

حديث شريف آهي تہ **"نيڪ گمان رکڻ بہ عبادت حسنہ مان آهي"**

سنو سوچڻ کي عبادت جو درجو مليل آهي، ڇو ان ڪري جو سني سوچ سنو گمان ۽ سني اميد ٻين کي سنو ٻڌائي ڇڏي ٿي. دنيا جي مڙني سنن انسانن کي پنهنجي متعلق يا ٻين کي ان متعلق هڪ سنو خيال هوندو آهي تہ هُوتمام سنو ڪم ڪندو. هي گمان سياڻي جي يقين جي شڪل اختيار ڪري وڻي ٿو ۽ يقين پهاڙکي پنهنجي جڳهہ تان هٽائي سگهي ٿو.

قائداعظم محمد علي جناح جي والده جيان توهان بہ پنهنجي ٻارن منجهان سني توقع رکو ان توقعات جو پنهنجي ٻارن سان بار بار ذڪر ڪيو پوءِ ڏسو هو ڪيترو غير معمولي ٿئي ٿو ، ڪٽنب جي سمورن پاتين کي گهرجي تہ ٻار جو تاثر، خيال ۽ رويا بهتر رکو ڇو تہ هر شخص آئيني جيان هوندو آهي. جڏهن ٻار سيني سان ملندو ۽ ان لاءِ سيني وٽ بهترين خيال هوندا تہ هُو انهن تصويرن کي پنهنجي ذهن ۾ ويهاري ڇڏيندو پوءِ ان جي تو جهہ پنهنجي شاندار مستقبل ۽ خوبصورت تصور ڏانهن هلي ويندي آهي ۽ جيڪا شئي ذري ذري توجهہ جو مرڪز هجي اها شئي حاصل بہ ٿي ويندي آهي. اڪثر والدين جو چوڻ آهي تہ هو پنهنجي ٻچن جي لاءِ خواب ڏسن ٿا تہ هو ناڪام نہ ٿين، اهي بدتميزي نہ ڪن، شرارتون نہ ڪن، پر ٻار تڏهن بہ هو جيڪو نٿا چاهين اهو ٿي وڃي ٿو. ان ڳالهہ جو آسان جواب اهو آهي تہ: توهان پنهنجي ذهن ۾ ناڪام شرارتي بدتميزي وارو پڙ ويهاري ڇڏيو آهي ۽ ذهن لاشعوري طور اهو ڪري ڇڏيندو آهي جيڪو توهان ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو آهي، توهان ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهاريو جيڪا توهان جو خواب هجي،

جيڪا توهان چاهيندا هجو:

"منفي حالتون ۽ مستقل طور منفي سوچون توهان جي زندگي ۾ منفي اثرات آڻين ٿيون فيصلو ڪريو تہ توهان صرف مثبت خيالن کي ئي ذهن ۾ ويهارينديو."

(مائيڪل برنارڊ بيڪ ود)

دنيا ۾ هڪ اهڙي طاقت موجود آهي جيڪا انسان جي مشڪل کان مشڪل ڪمن کي آسان ڪري ڇڏي ٿي. جيڪڏهن اها طاقت نہ هجي ها تہ دنيا ۾ ڪا بہ قرباني ۽ بي لوث هجڻ جو جذبو نہ رکي ها. آسمان واري جي وڏين طاقتن ۾ ان طاقت جو شمار صف اول ۾ آهي ۽ اها طاقت آهي.

مُحبت

جيئن وٽن ۾ ٻوٽن کي نشو نما لاءِ پاڻي ۽ اُس جي ضرورت هوندي آهي. اهڙي طرح ٻارن جي ذهني نشونما جي لاءِ محبت ۽ توجهه جي ضرورت هوندي آهي. اهي ٻار تڪڙا سمجهدار ٿي ويندا آهن، جن کي والدين جي توجهه ۽ محبت ملي ٿي. اڪثر والدين اهو سمجهن ٿا ته کارائڻ، پياريڻ راندیڪا ۽ سنا ڪپڙا وڻي ڏيڻ ئي انهن جي محبت جو اظهار آهي. اصل ۾ محبت ڪرڻ جو مطلب گهر ۾ خلوص ۽ پيار وارو ماحول مهيا ڪرڻ ئي اسان جي محبت جو اظهار هوندو آهي. محبت ۽ توجهه ڏيڻ سان ٻار جي شخصيت ۾ ڪو به خدو خال پيدا نه ٿيندو آهي. جيستائين ٻار کي پنهنجي قريب هجڻ جو احساس نه هوندو ان ۾ خود اعتمادي پيدا نه ٿيندي. ان ڪري غذا ۽ ڪپڙن جي گهرج کان وڌيڪ محبت ۽ پيار جي ضرورت هوندي آهي. ٻارن کي جذباتي تحفظ ۽ ملڪيت جي احساس جي ضرورت هوندي آهي. اهي ٻئي احساس اُن جي پختگي جي لاءِ بنياد ثابت ٿيندي آهي.

"محبت ايتري طاقتور آهي جو ڪنهن وحشيءَ کي به هڪ لمحي ۾ انسان ڪري ڇڏيندي آهي. محبت هر شئي کي فتح ڪري وٺي ٿي، اچو ته اسان به هن (محبت) اڳيان شڪست قبوليون" (شيڪسپيئر)

جيڪڏهن ڪو ٻارن سان محبت نه ڪري، ڪوئي انهن جي تعريف نه ڪري ته هو ذهني نشونما جي لاءِ ايندڙ قدم نٿو کڻي سگهي. هو پنهنجا فيصلا پاڻ نٿو ڪري سگهي. مستقبل جو ڪو منصوبو نٿو ٺاهي ۽ نه ئي ننڍي مان ننڍي ذميواري کڻي سگهي ٿو. جيڪو ٻار محبت ۽ پيار کان محروم هوندو آهي، اهو اڪثر ڊيڄو، شرميلو ۽ ڏڪڻ جو شڪار هوندو آهي. يا محبت جي محرومي کي لڪائي بهادري جو مظاهرو ڪندو آهي. پيار ۽ محبت ٻرئي گهر ۾ ٻار گڏجي ڪم ڪرڻ جو پهريون سبق سکي ٿو. ٻين جي مدد ڪري ٿو ۽ ٻين کان مدد گهري ٿو.

تحقيق ۽ منهنجي ذاتي راءِ مطابق ٻار جي شخصيت تي ماءُ، پيءُ جي تعلق جو گهرو اثر ٿئي ٿو. جي ڪڏهن ٻار گهر ۾ ڏسي ٿو ته ماءُ، پيءُ سچي ۽ بي لوث محبت ڪن ٿا ته هن جي ذهن ۽ مَن ۾ به محبت هڪ مکيه قدر طور جڳهه ٺاهي ٿي، ۽ هو سڄي زندگي ڏک ۽ غم کي پنهنجي ذات مٿان غالب ٿيڻ نه ڏيندو آهي. هو محبت ۽ پيار ورهائيندو ۽ محبت ئي حاصل ڪندو. ماهرن مطابق هر ڇهه سئو مان هڪ ٻار قدرتي طور تي ذهني معذوري جو شڪار هوندو آهي. پر مائٽن جي پاڻ ۾ جهيڙي جهٽي جي ڪري هر ڏهن مان هڪ ٻار ذهني معذوري يا نفسياتي بيماري جو شڪار ٻڌجي وڃي ٿو.

ٻارن ۾ ڏوهاري ذهنيت پوڻ جي وڏي وجهه والدين جي پاڻ ۾ ناچاڪي آهي. نفسياتي ماهرن جو اهو به چوڻ آهي ته ٻار جي ذهني نشونما جي لاءِ ڏاڏو ڏاڏي، نانو نانيءَ، چاچو ماموءِ خاندان جي ٻين فردن جي بي لوث محبت وڏي اهميت رکي ٿي. اهو به ڏٺو ويو آهي ته جيڪي مڙس زالن

تي تشدد ڪن ٿا. انهن نندپڻ ۾ پنهنجي والد کي تشدد ڪندي ڏٺو هوندو. ان ڪري انهيءَ جي شخصيت ۾ اهو خال ايندڙ وقت ۾ نفسياتي بيماري طور ظاهر ٿيندو آهي.

"زال مڙس پنهنجي ٻارن مٿان بهترين احسان ڪري سگهن ٿا تہ هو پاڻ ۾ محبت ڪن." (پروفيسر ارشد جاويد)

دوستو! انساني شخصيت کي تباهہ برباد ڪرڻ واري ۽ ڪاميابي جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ جو نالو آهي.

خوف

دنيا ۾ هر ماڻهو ڪنهن نہ ڪنهن خوف ۾ ضرور مبتلا آهي پر سڀ کان وڌيڪ حيران ڪندڙ ڳالهہ هيءَ آهي تہ اڪثر ماڻهو حقيقي خوف بجاءِ فرضي خوف ۾ مبتلا هوندا آهن. ماهرن جي چوڻ مطابق اسان جا 99 فيصد خدشا بي معنيٰ ٿين ٿا، ۽ 2 فيصد خدشا حقيقي هجن ٿا. پر اهي نقصان ڏيندڙ نہ هوندا آهن. انسان دنيا ۾ پاڻ سان قدرتي طور صرف 2 خوف ڪٽي ايندو آهي.

1. وڏي آواز جو خوف 2. اوچائي تان ڪرڻ جو خوف.

پر وقت گذرڻ سان هو هزارين خوف پالي ٿو وڌي، خوف زده ٻار جون سيئي صلاحيتون ختم ٿي ويندیون آهن. هن جون سموريون ذهني توانائيون خوف تي ختم ٿي وڃن ٿيون ان ڪري هن جي سوچ پُر اميد ۽ مثبت ناهي هوندي.

عام طور ٻارن ۾ خوف جي وڏي وجهہ ننڍپڻ ۾ جِنن، پوتن کان ڊيڄاريو ويندو آهي ۽ پوءِ اهو ڊپ سڄي زندگي ان جي شخصيت جو حصو ٿي ويندو آهي. هي اصول ڪڏهن بہ نہ وسارجو تہ ٻار جي اندر غير ضروري خوف ان جي نفسيات کي تباهہ ڪري ڇڏي ٿو.

"عقلمند اهو آهي جيڪو ماڻهن جي خوف بجاءِ محض خوف خدا جي ڪري گناهہ ڪان پاسيرو رهي ۽ دلي خواهش سان عبادت ڪري" (بوعلي سينا)

اسان کي الله تعاليٰ کان ئي اميد رکڻ گهرجي ڇو تہ الله تعاليٰ ئي بهترين سهارو آهي. ٻارن کي هيءَ ڳالهہ سمجهائڻ لاءِ عملي مثال پيش ڪجي. هنن جي دل ۾ خدا جو خوف پيدا ڪرڻ سان تہ باقي سڀ خوف ختم ٿي ويندا. ٻارن کي رحمتِ خدا وندي جو درس ڏيڻ گهرجي.

ڪجهہ والدين سمجهن ٿا تہ ڊڄندڙ ٻارن سان ڪو مسئلو آهي. يا هو پاڻ ٻارن جي تربيت بہ نہ ڪري سگهيا، پر حقيقت هيءَ آهي تہ ٻارن جي عمر جي مختلف حصن ۾ خوف مخصوص هوندو آهي. جيڪڏهن ٻار وڌندڙ عمر سان گڏ گڏ مختلف مرحلن جي خوف مان گذرندو رهي ٿو تہ اهڙي قسم جي حالتن ۾ پريشاني جي بجاءِ اطمينان جو اظهار ڪرڻ گهرجي ڇو تہ اهي فطري مرحلا آهن. پر اسان وٽ اهڙي قسم جي ڳالهين تي عجيب رد عمل هوندا آهن. والدين چوندا آهن هِن کي تہ جِنُ ٿي ويو آهي. اهي سڀ ڳالهيون ايمان جي ڪمزوري ۽ لاشعوريت جي علامت آهي. اهڙي طرح ٻار کي خدا ۽ پنهنجو پاڻ تي بہ يقين نہ رهندو آهي ۽ ان کانپوءِ ٻار لاتعداد خوف جو شڪار ٿي ويندو آهي.

مشهور نفسياتي ماهر "پال هاڪ" مطابق خوف مان جان ڇڏائڻ لاءِ هيٺين ڳالهين کي مد نظر رکجي تہ بهتر ٿيندو.

- ٻار کي ڪڏهن ٻه مذاق جو نشانو نه ڪجي ۽ ان کي بزدل يا ڊڄڻو نه چئجي اهڙي ريت ٻار جو پنهنجو پاڻ تان يقين کڄي ويندو آهي، پوءِ هو سڄي زندگي ڊڄندي ڊڄندي گذاريندو آهي.
- ٻار کي خوف لڪائڻ لاءِ مجبور نه ڪيو. جيڪڏهن توهان خوفزده ٻار تي طنز ۽ ٽوڪ ڪندا ته هو پنهنجو خوف لڪائيندو. ۽ خوف لڪائڻ جو ٻيو مطلب ذاتي يقين کي ختم ڪرڻ آهي.
- ٻار کي جنهن ڪم کان خوف هجي اهو لاڳيتو هڪٻئي پنڌيان نه ڪرايو. ايئن ڪرڻ سان ٻار تي دٻاءُ وڌندو ۽ خوف ٻه ختم نه ٿيندو. هر ڪم سکندي سکندي ئي ڪبو آهي. ان ڪري ٻار کي بهادري واري عمل لاءِ جلدي نه ڪرايو.
- ياد رکو ٻارن کي مدد جي ضرورت تڏهن پوندي آهي جڏهن هو خوفزده هجي، يا ناڪام ٿيو هجي. خوف سان منهان منهن مقابلي لاءِ ٻارن کي ڪڏهن ٻه اڪيلو نه ڇڏيو انهن جي حوصلہ افزائي ڪيو.
- ٻارن کي انهن ماڻهن جون ڪهاڻيون ٻڌايو جن پنهنجي خوف ۽ ناڪامين تي قابض ٿي نالو ڪمايو آهي. اهڙي طرح ٻار کي يقين پيدا ٿيندو آهي ته ناڪامي سان ڪا قيامت ڪا نه ايندي.
- جيڪا شئي سکي سگهجي ٿي اها وساري ٻه سگهجي ٿي. اهڙي طرح خوفزده ٿيڻ ٻه ٻار سکيو آهي جي ان کي حقيقت ٻڌائي وجي ۽ مضبوط دليل ڏنا وجن ته هن جو خوف ختم ٿي ويندو.
- ٻار جنهن ڪمن کان ڊڄي ٿو ان کان پرهيز ڪرڻ بجاءِ هن کي ان جو مقابلو ڪرڻ ڏيو. خوف پاڻ ئي ختم ٿي ويندو.

ٻار اسان جو چوڻ نه ٿو مڃي، جيڪو چئون ٿا يا سمجهايون ٿا ته اهو نٿو سمجهي. ائين ڇو آهي؟ ان ٻه جي وجهه آهي.

توهان جا ٻار منفرد آهن

"وڏي عمر واري ماڻهو کي خبر هوندي آهي ته سڀ انسان مون جيان منفرد هوندا آهن. تنهن ڪري هو انهن ماڻهن جي عزت ڪرڻ گهرندو آهي، جيڪي سندس قابليت ۾، خوبين ۾، نظرين ۾، عادتن، رنگ ۾ مذهب ۾ به مختلف هوندا آهن." (ايلس وڏزمن)

مان جڏهن به ڪنهن ٽن، چئن سالن جي ٻار کي روئندي اسڪول ۾ دروازي منجهان داخل ٿيندو ڏسندو آهيان ته مون کي البرٽ آئن استائن ياد اچي ويندو آهي. آئن استائن به اسڪول وڃڻ پسند نه ڪندو هو. هو سمجهندو هو ته اسڪول هڪ فوجي جاءِ آهي. هن جو خيال هو ته اسڪول ۾ آزادي سان نٿو رهي سگهجي، البرٽ جي خيال ۾ آزادي، خصوصاً سوچ جي آزادي اهميت واري هئي. هو ڪابه ڳالهه ان وقت تائين نه ڪندو هو جيستائين هو ان کي مڪمل طور سمجهي نه سگهندو هو. اڪثر اهڙي حرڪتن تي استادن کي ڪاوڙ ايندي هئي. هو ڏينهن جو خواب ڏسندو يا پنهنجو پاڻ سان پيو ڪيڏندو هو. آخر ڪار سڀني استادن هن کي بي وقوف ۽ نالائق قرار ڏئي ڇڏيو. پر ايندڙ وقت ۾ آئن استائن دنيا جي تاريخ کي بدلائي ڇڏيو.

هن پنهنجي زندگي ۾ 1093 ايجادون ڪيون ۽ اهو ڪنهن هڪ شخص ڏانهن منسوب ٿيندڙ ايجادن جو ريڪارڊ هو. سڄي زندگي ۾ هو صرف ٽي مهينا اسڪول ويو هو. باقاعده تعليم نه هجڻ باوجود هن جديد سائنس ۾ هڪ انقلاب آڻي ڇڏيو هو ۽ هن جي نالي کان اڄ زمانو واقف آهي. اهڙي طرح ٽامس ايڊيسن، ڇا توهان کي خبر آهي ته ٽامس ايڊيسن جي ايجادن جتي دنيا کي بهترين تحفا ڏنا، اتي آمريڪا کي سپر پاور ٿاهڻ جو بنياد فراهم پڻ ڪيو. هن کي شروع کان ونڊي "چو" ۽ "چالاءِ" ڇاڙڻ جو شوق هو. هو هڪ ڏينهن ڪڪڑين جي ڪُڏيءَ ۾ انڊن جي مٿان ٽي ويهي رهيو. جيسين سندس گهر وارن کي خبر پئي ته موصوف انڊن تي آرو ڪرڻ لاءِ وينو آهي، جڏهن ڪيس اٿاريو ويو ان وقت تائين سڀ انڊا ڦڇي سندس ٽنگن سان چمبڙي ويا هئا.

"مونکي خبر ناهي ته دنيا منهنجي ڪم کي ڪيئن ڏسي ٿي، منهنجي پنهنجي خيال ۾ ته، منهنجو مثال ان ڇوڪري وانگر آهي جيڪو سمنڊ جي ڪناري راند ڪي راند ۾ سِپين جي ڍڳ مان ڪجهه ڳولهي رهيو هجي. اهو ڇوڪرو سمجهي ٿو ته ان جي اڳيان سڄو جو وسيع سمنڊ لهرون هڻي رهيو آهي. جنهن جي تهه ۾ ان کي ويڙهو آهي" (آئزڪ نيوٽن)

جڏهن هو پيدا ٿيو هو ته ايترو ته ڪمزور ۽ نبل هو جو هن کي هڪ پيالي ۾ رکي پئي سگهيا. ان ٻار جي هڪ ڏينهن به زندهه رهڻ جو امڪان نه هو پر ڪنهن کي ڪهڙي خبر هئي ته صدين

تائين ان ۾ار جو نالو زندهہ رهندو. ان جو نالو آئزڪ نيوٽن هو. هن کي اسڪولي ڪتابن ۾ ڪابہ دلچسپي نہ هئي. هُو اڪثر پنهنجي ڪلاس ۾ آخري پوزيشن ڪٽندڙ شاگرد هو۔ پر جڏهن 1978ع ۾ مائيڪل هارٽ دنيا جي مؤثر عظيم ترين شخصيتن جي لسٽ ٺاهي تہ ان ۾ نيوٽن جو ٻيون نمبر هو.

هي سڀ ڪهاڻيون ياد ڏيارينديون تہ ڪيئن هڪ معمولي، ڊيڄو، ضديرو، هٽ ڏرم، بدتميز ۽ ويڑهاڪ قسم جو انسان محنت، جدوجهد ۽ جستجو سان هڪ عظيم انسان ۽ سائنسدان بڻجي ويو. اهڙيون صلاحيتون توهان جي ۾ارن ۾ بہ آهن ۽ ايتريون ئي آهن جيئن آئن استائن، ايڊيسن، وليم هارولي، جوزف لسٽر، لوئين پاسچر، نيوٽن ۽ رائٽ برادرز ۾ هيون. فرق صرف هڪ ڳالهہ جو آهي، تہ هنن جي والدين کي يقين هو تہ هنن جي گود ۾ هڪ اهڙو فرد پرورش ونڊي رهيو آهي جنهن کي ايندڙ وقت ۾ زماني جو مقابلو ڪرڻو آهي. توهان جو ۾ار منفرد ۽ الڳ ٿلڳ (بي نظير) قسم جو ۾ار آهي. ان ڳالهہ ۾ جي توهان کي ٿورو بہ شڪ آهي تہ پلا پوري دنيا ۾ صرف هڪ ۾ار پنهنجي ۾ار جهڙو ڳولي تہ ڏيکاريو.

هي ڳالهه ذهين نشين ڪري ڇڏيو

ان سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟

هڪ ذهين ٻار شروع کان ئي پنهنجي ذهانت جو مظاهرو ڪرڻ شروع ٿو ڪري، پر اڪثر والدين ان کي سمجهي ناهن سگهندا. ذهانت کي جيڪڏهن عام لفظن ۾ بيان ڪجي ته هيئن چئي سگهجي ٿو ته "اک ڇنپ ۾ سکڻ وارو" ذهين ٻار هميشه پنهنجي عمر کان وڌيڪ اڳتي نڪري ويندا آهن. ان ڳالهه جو اندازو استاد آساني سان لڳائي سگهجي ٿو. سڄي ڪلاس ۾ ڪجهه اهڙا ٻار به هوندا آهن جيڪي پهريون دفعي سان چيل ڳالهه سمجهي ويندا آهن. جيڪڏهن ايئن آهي ته سمجهي ويجو ته انهن ٻارن ۾ ڪو وڏو دانشور، ڪو ڊاڪٽر، ڪو وڪيل يا ڪو سائنسدان لڪل آهي. والدين جو هڪ سوال هوندو آهي ته ٻار جي ڪارڪردگي ۾ انهن جي وسيلن، حالتن ۽ مسئلن جو ڪيترو عمل دخل هوندو آهي؟

عام طور تي اهو سمجهيو ويندو آهي ته ذهين ٻار وڏن گهراڻن ۾ ئي پيدا ٿيندا آهن. تاريخ کڻي ڏسندؤ ته خبر پوندي ته ڪيترائي دنيا جا عظيم دانشور، اڳواڻ توڙي سائنسدان جن مختلف علمن ۾ تاريخ جو رخ موڙي ڇڏيو، اُهي غريب خاندانن ۾ پيد ٿيا هئا. ذهانت تي ڪنهن مخصوص طبقي جي اُجارادري ٿورئي آهي، اها خدا جي نعمت آهي ۽ ڪنهن کي به ملي سگهي ٿي. حالتن ۽ وسيلن جو ٻارن جي شخصيت تي ان وقت اثر پوندو آهي، جڏهن والدين ۽ استاد پنهنجو ڪردار ادا نه ڪن. ڇاڪاڻ ته محرومي تڏهن پيدا ٿيندي آهي جڏهن ساڻ ڏيندڙ سچو نه هجي. ياد رکو ته اوهان پنهنجي ٻارن کي سڀ ڪجهه مهيا نٿا ڪري سگهو ۽ اهو ضروري به ناهي.

ماهرن جي تحقيق مطابق "ڪنهن شئي جي ڪوٽ يا ڪمي جو احساس ئي اڳتي وڌڻ جو احساس ڏيندو آهي. جنهن ٻُک ناهي ڏٺي ان کي ٻُک جي درد جي ڪا به خبر ناهي. اهو به ڏٺو ويو آهي ته غريب گهراڻن جا ٻار محنت ڪرڻ جو جذبو وڌيڪ رکن ٿا. ڇو ته هڪ غريب ۽ محروميت جي شڪار ٻار وٽ ڪجهه ڪري وڃڻ جا ڪيئي سبب هوندا آهن. (جيئن سنڌ جا ڪولهي، ٻيل، ميگهواڙ هن وقت جذبي سان تعليمي ميدان ۾ اڳتي وڌي رهيا آهن، ڇاڪاڻ ته هو ماضيءَ ۾ هر حق کان محروم هئا، جيڪي هن وقت هُو حاصل ڪري رهيا آهن. مترجم) ان ڪري حالتن جو روئڻ پٽڻ نه گهرجي ۽ ٻار کي ڪڏهن به حالتن جي تابع نه ڇڏيو، اهڙي طرح حالتون هن کي بگاڙي ڇڏين ٿيون.

"حالتون ڪمزور ماڻهن کي پيدا ڪنديون آهن، جڏهن ته طاقتور ماڻهو پاڻ حالتن کي پيدا ڪندا آهن، اهي حالتن جي پيداوار ناهن هوندا، ڇو ته انهن حالتن کي بدلائڻ جو فيصلو ڪيو هوندو آهي." (اينٿني رابنز)

سمجهداري جي هڪ نشاني اها بہ هوندي آهي، تہ هڪ ٻار ٽيڪ وقت تي درست فيصلو ڪرڻ جي صلاحيت رکي، اسان وٽ ٻارن جي بدبختي اها بہ آهي، تہ زندگي هن جي پنهنجي هوندي آهي، ۽ ان جي زندگيءَ جا فيصلا ٻيا ماڻهو ڪندا رهن ٿا، جنهن ڪري ٻار وڏو ٿي بي پختگي واري شخصيت جو مالڪ ٿي ويندو آهي، هن ۾ فيصلي ڪرڻ ۽ حالتن سان منهن ڏيڻ جي طاقت يا صلاحيت موجود ناهي رهندي.

"جنهن کي جواني ۾ پنهنجي مستقبل جو اونو آهي، ان جي پيريءَ ۾ حسرتن جو شمار گهٽ ئي هوندو آهي"

(واصف علي واصف)

توهان جي ٻارن جي شخصيت تي حالتن ۽ ماحول جو ايترو اثر ناهي پوندو جيترو توهان جي عادتن جو اثر پوندو آهي، ۽ انهن عادتن ۾ هڪ اهڙي عادت آهي، جيڪا توهانجي ٻارن جي شخصيت کي تباهہ ۽ خراب ڪري ڇڏيندي آهي، اها عادت آهي...

پريشان رهڻ

جيڏانهن ڪيڏانهن مسئلن جا انبار لڳل آهن، چهرن جون رونقون ڏيمين ٿي چڪيون آهن، ۽ زندگي گذارڻ تمام مشڪل بڻجي وئي آهي، آفيس، دڪان، ڪاروبار، ملڪي صورتحال، خرچ ۽ ذميوارين سڀ پريشاني جو سبب بڻيل آهن. ڪو به ماڻهو نه خوش آ ۽ نه ڪنهن شئي تي راضي آ، آفيس جي پريشان ڪٽي گهر اچي ٿو ۽ گهر جي مشڪلاتن جي ڳڻيڙي ڪٽي آفيس ۾ ڪٽي وڃي ٿي، هر ڪوئي پنهنجي پريشانين جو ذميوار ٻين کي سمجهي ٿو. اسان اهو ته پلجي وڃون ٿا، ته گهٽين ئي پريشانين کي"مسڪراهٽ" سان ٽاري سگهجي ٿو. اسان پنهنجو پاڻ کي انهن ڪمن ۾ به جوابده سمجهون ٿا، جن جي باري ۾ اسان کان پڇيو به نه ويندو آهي، اسان روزمره جي ڇڪتاڻ جو ذميوار حالتن کي به قرار ڏيون ٿا.

"پريشاني حالتن سان نه پر خيالن سان پيدا ٿيندي آهي" (واصف علي واصف)

اسان جا ٻار، اسان جو مستقبل آهن ۽ پريشان رهڻ سان پنهنجو مستقبل تباهه ٿي وڃي ٿو. اڪثريت ۾ والدين جي اها راءِ آهي، ته اسان جي پريشاني اسان مٿان ئي اثر انداز آهي، پر حقيقت بلڪل ابتڙ آهي، جڏهن اسان پريشان هوندا آهيون ته ان جو اثر غير ارادي طور اسان سان ملڻ جلڻ وارن، خاص ڪري گهر وارن تي اثر انداز ٿيندو آهي، ٻار نفيس گل جي مڪڙيءَ جيان هوندا آهن، توهان جي پريشان چهري کي ڏسي اهي معصوم ۽ نفيس مُکڙيون مرجهائجي ويندیون آهن. ياد رکو اوهان جنهن پريشاني کي اهميت جو درجو ڏيو ٿا، اها پريشاني ختم ٿيڻ جي ناهي هوندي. توهان پنهنجي سمورين ذميوارين کي قبول ڪري صرف پنهنجي ڪم ۽ ڪاروبار سان محبت ڪيو، پريشانيون خود بخود پَڄِي ويندیون.

صرف هڪ ماڻهو مثبت سوچ رکڻ وارو، گهر جي سموري ماحول کي بهتر ۽ مثبت بڻائي سگهي ٿو. ماحول ڪڏهن ڪڏهن اعليٰ کان اعليٰ دماغي صفتون ضايع ڪري ڇڏيندو آهي ۽ جيڪڏهن محبت پريو ماحول ملي وڃي ته ٻار ترقيءَ جي معراج تائين پهچي وڃن ٿا. ٻارن جي ڪردار جي اصلاح جي لاءِ ضروري آهي، ته گهر جي ماحول جي اصلاح ڪجي. خوشيون بازار مان ناهن ملنديون، خوشين کي ته گهر ۾ خود پيدا ڪيو ويندو آهي.

مسڪرائيندڙ چهرا زنده دليءَ جي علامت هوندا آهن، پريشانيون اتي ڊوڙي ويندیون آهن، جتي انهن جو آڏ رياءُ ڪيو ويندو آهي، هر پريشان ماڻهو کي پنهنجو پاڻ تي ترس کائڻ جي عادت پئجي ويئي آهي، ۽ ياد رکو ته صرف ڪمزور ماڻهو ئي مدد ۽ همدردي جو متلاشي هوندو آهي.

آفيس ۽ دڪان جي پريشانين کي ئي ڇڏي ڏيو ڇو ته مرڻ وقت ڪنهن انسان کي ڪارو بار ياد ناهي ايندو، بلڪ ان وقت اهائي خواهش هوندي آهي، ته "ڪاش! مان پنهنجي گهر واري ۽ ٻارن سان گهٽو وقت گذاريان هان. گهر اچو ته مسڪراهٽ جي سوکڙي ڪنيو اچو. والدين مونکي چوندا آهن ته کهڙي ڳالهه جي ڪري مسڪرائين، مان صرف اهو چوندو آهيان ته مون وٽ مسڪرائڻ جي صرف هڪ وجهه آهي ته "مسڪرائيندو رهڻ منهنجي نبي جي سنت آهي."

ٻڌو! توهان جو ٻار توهان کي ڪجھ چئي ٿو

- جڏهن ڪو ٻنو ڪم ڪيان، منهنجي حوصلا افزائي ڪيو. مونکي ڪو انعام ڏيو.
- مون سان جيڪو واعدو ڪيو ٿا. اهو ضرور پورو ڪيو.
- مونکي منهنجي دوستن عزت پريو ٻڌايو. ڪا شئي پنهنجي ضرورت کان وڌيڪ آڻيو ته جيئن مان اها شئي هنن سان گڏ ويهي کاوان، يا استعمال ڪريان.
- جڏهن مون کان ڪا غلطي ٿي ته مهرباني ڪري، مونکي ڇڙڇيو نہ. ضروري ڏاڍو دھمان ڪيو پر مون کي منهنجي غلطي نرمي سان ٻڌايو.
- موڪل جي ڏينهن مونکي پائرن، پيٽن سان گڏ سير تفريح لاءِ وڃي هلو.
- سزا پلي ڏيو پر ڏيو ڇو ٿا اهو ضرور ٻڌايو.
- مونکي، هڏ ڦڳو، توتي، گڏهه، بيوقوف جهڙن لفظن سان نہ سڏيو.
- مونکان شيون لڪائي نہ رکو، نہ ته مان چوري جي طرف اچي سگھان ٿو.
- مونکي سنيون آکاڻيون ٻڌائڻ لاءِ ضرور وقت ڪيو.
- پنهنجن دوستن سان ملڻ ويجو ته جي ممڪن هجي ته مونکي ساڻ وٺيون هلو.
- سنا ۽ معلوماتي ڪتاب، سي ڊيون، وڊيو فلمون مونکي ٻه وڃي ڏيو.
- منهنجا سوال پلي ڪيئن ۽ ڪهڙا ٻه هجن، پر انهن جا جواب ڪاوڙ نہ نرمي منجهان ڏيو.
- مونکي سيني جي سامهون ٻُرو پلو نہ چئو. اڪيلائي ۾ سمجهايو.
- توهان ٻئي (زال مڙس) پاڻ ۾ منهنجي سامهون نہ وڙهو.
- ٻين سان منهان منهن ٿي مونکي نہ ٻڌايو ته فلاڻو هيئن آ. هو ته هونئن آ.
- مون تي تنقيد ننڍي آواز پر منهنجي تعريف وڏي آواز ۾ ڪيو.
- منهنجي مٿي تي توهان جي چُمي مونکي فخر سان پري ڇڏي ٿي.
- توهان اهو ڇو ٿا وساري ويهو ته توهان ٻه ڪڏهن ٻار هئا.

■

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ ڀڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙوڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نيائيندا.

books. sindhsalamat. com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



علم رڳو مڪتبن ۾ نٽو پرائجي پر، علم ڪنهن ڏاهي جي چوٽي يا قول مان ٻه پرائي سگهجي ٿو. ڪنهن پوڙهي جي گفتگو مان ٻه ڪڏهن ڪڏهن ڏاهپ جا ڏيئا ٻرندي نظر ايندا آهن.

ٻالڪ جا ٻول ٻه ٻوليءَ جا ٻمڪندڙ لفظ هوندا آهن ۽ جن جي حسناڪي جو ڪو ملهه ئي ناهي هوندو. ٻار ئي گلن جا هار هوندا آهن ۽ ٻار ئي مستقبل جا معمار هوندا آهن.

هي جيڪو ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي، اهو پڻ علم ۽ ڏاهپ جي ڏيهه ۾ پهچائيندڙ اخلاقيات جو پهريون ڏاڪو آهي ۽ ٻارن جي بهترين پرورش جا پنڌ پسائيندڙ پڻ!

انسان لفظن جي لذت ماءُ جي جهوليءَ ۾ لوليءَ مان چکي وٺندو آهي ۽ ماءُ اهو مڪتب آهي، جتان علم، اخلاقيات ۽ پيار جي پرورش ٿئي ٿي ۽ ماءُ اهو عظيم استاد آهي، جنهن جي هر ادا مان علم جي روشني ڦٽي نڪرندي آهي.

هي ڪتاب اسان جي سڃاڻ ساڻي اظهر آدرش ترجمو ڪري اسان کي پيش ڪيو آهي ۽ ان پيشڪش مان اوهان ۽ اسان کي ڪجهه پرائڻ گهرجي ۽ هن ساڻي جي شڪر گذاري پڻ مڃڻ گهرجي.

ـ احمد شاڪر

Sahil Printers Ph: 0333-2634650